# مائيڪرو ميڊيا فليش

ڪمپوزنگ
خليق جمالي
Sindh_desh@yahoo.com

وائيس آف سنڌ برقي ڪتاب گھر
WWW.VOICEOFSINDH.NET
editor@voiceofsindh.net

## *Macro media flash*

نوٽ: توهان مائيڪرو ميڊيا فليش ايم ايڪس انسٽال ڪريو. ته جيئن اوهان بهتر نموني ۾ فليش سمجهي سگهو.

فليش جي مرڪزي تصوير




## فليش ڇا آهي؟

فليش، مائيڪرو ميڊيا ڪمپني وارن جي هڪ نهايت مقبول سافٽويئر آهي. مائيڪرو ميڊيا فليش هڪ انيمينشن سافٽويئر آهي. هن ۾ اوهان مختلف قسم جا انيميشن، ڪارٽون، فليش گيمز، ويب پيج ۽ ٻيون گهڻيون شيون ٺاهي سگهو ٿا.

## فليش ۾ ڪهڙا ٽول آهن؟

## مينيو

فليش کلڻ سان ئي اوهان جي اسڪرين جي مٿان هي تصوير نظر ايندي




هن کي مينيو چيو وڃي ٿو.

## ٽائيم ليٽ

ٽائيم ليٽ کي فليش ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. هن جي مدد سان اوهان فليش ۾ مووي، گيمز ۽ ٻيو ڪم ڪري سگهو ٿا. هي مينيو جي بلڪل هيٺيان آهي.




هن ٽائيم ليٽ ۾ اوهان کي جيڪي خانا نظر اچي رهيا آهن. انهن کي فريم چيو وڃي ٿو.

## لاير باڪس

لاير باڪس جي ذريعي اوهان گهڻيون شيون هڪ جڳهه تي ناهي سگهو ٿا. اوهان هر ڊرائينگ لاءِ الڳ لاير ناهي سگهو ٿا.




## ٽولس

جيئن توهان پينٽ ۾ ٽولز ڏٺا هوندا. بلڪل اهڙي طرح مائيڪرو ميڊيا ۾ ٻہ ٽولز ڏنل آهن. انهن جي مدد سان توهان ڊزائينگ ناهي سگهو ٿا.




هن ۾ توهان جيڪي ٽولز ڏسو ٿا، سي تمام ڪارائتا آهن.

## زوم بار

هن جي ذريعي اوهان پنهنجي ڊرائينگ کي زوم ڪري سگهو ٿا.




## اسٽيج

اسٽيج اها جڳهه آهي جتي اوهان پنهنجو ڪم ڪري سگهو ٿا.



هي اسٽيج جي تصوير آهي جتي اوهان پنهجي مووي يا گيم ۽ ويب پيج ٺاهي سگهو ٿا.

## پراپرٽي بار

هن جي ذريعي اوهان ڪنهن بہ ڊرائينگ جي پراپرٽي ٺاهي سگهو ٿا. هي اسٽيج جي بلڪل هيٺيان ڏنل آهي. يا وري مينيو بار مان ونڊوز ڪي ڪلڪ ڪري. ۽ پراپرٽي ڪي دٻايو.




## ايڪشن بار

هن جي ذريعي اوهان جيڪي مووي ۽ بٽڻ ٺاهيو ٿا. انهن کي ايڪشن ڏئي سگهو ٿا.




هي پراپرٽي جي مٿيان ڏنل آهي. يا وري مينيو مان ونڊوز ڪي دٻايو ۽ ايڪشن ڪي ڪلڪ ڪريو.

## ڪلر مڪسچر

هن جي ذريعي اوهان پنهنجي ڊرائينگ کي مختلف ڪلر ڏئي، خوبصورت بنائي سگهوٿا.




هاڻي اچو ته فليش ۾ ڪم ڪرڻ سکون.

## ٽولز جو استعمال

## چوڪندو ۽ گول ٺاهڻ ۽ انهي جو رنگ تبديل ڪرڻ

توهان هاڻي ٽولز مان ريڪٽ انگيولر ٽول ڪٽو.




هاڻي هن سان هڪ چوڪنڊو ٺاهيو (توهان جيئن پينٽ ۾ چوڪنڊو ٺاهيندا آهيو. بلڪل ائين ڊرگ ڪندا وڃو.) جيئن هيٺ تصوير ۾ ڏنل آهي.



هن تصوير ۾ اوهان ڏسندو ته هڪ ڳاڙهي ڪلر جو چوڪندو نهيل آهي. جيڪڏهن اوهان هن جو رنگ تبديل ڪرڻ چاهيو ٿا ته ٽولز مان ايرو ٽولز کي ڪلڪ ڪريو.




ايرو يعني تير سان اوهان ڳاڙهي ڪلر کي ڪلڪ ڪري سليڪٽ ڪريو. ۽ پوءِ ٽولز مان فل ڪلر ٽول جي مدد سان اوهان هن جو رنگ تبديل ڪري سگهو ٿا.




هاڻي اوهان جو نهيل چوڪنڊو نيري رنگ جو ٿي ويندو. اوهان پينٽ بيڪٽ ٽول جي مدد سان به ڊرائينگ جو رنگ تبديل ڪري سگهو ٿا.

جنهن جي تصوير هيٺ ڏنل آهي.



يا وري اوهان اسٽيج جي هيٺيان پراپرٽ بار کي ڪلڪ ڪري به رنگ تبديل ڪري سگهو ٿا.




اوهان لائين جي ڪلر تبديل ڪرڻ چاهيو ٿا، ته پوءِ پهريان ايرو يعني تير کي ڪلڪ ڪريو. پوءِ چوڪنديءِ جي پاهريان ڏنل ليڪي کي سليڪٽ ڪريو. پوءِ انجو رنگ تبديل ڪريو (لائين جي رنگ تبديل ڪرڻ جا ٻه طريقا آهن هڪ پراپرٽي مان ٻيو ٽولز مان)







هاڻي اوهان چوڪنديءِ جي لائين کي ٻه مختلف ۽ ويڪرو ڪري سگهو ٿا. ان لاءِ پراپرٽي کي ڪلڪ ڪريو.




نوٽ: جنهن ۾ ڊرائينگ جو ڪلريا لائين تبديل ڪرڻو هجي ته ان تبديل ٿيڻ واري حصي کي ضرور سليڪٽ ڪريو.

جيڪڏهن اوهان ڪي چوڪنڊي جا ڪنڊ گول ڪرڻا هجن ته پوءِ ٽولز مان رائونڊ ريڪٽ انگل ريڊيئسز ڪي ڪلڪ ڪريو. جيترو اوهان ڪي ڪنڊ گول ڪرڻو هجي. ان باڪس ڪي پري اوڪي ڪي پريس ڪريو. مثال اوهان **8** لکي اوڪي ڪريو.







هاڻي اوهان چوڪنڊو ٺاهيندا ته اهو اهڙو نظر ايندو.



اهڙي طرح اوهان مينيو مان اوول ٽول ڪٽي گول ٺاهي. ان جو رنگ ۽ لائين تبديل ڪري سگهو ٿا.




لائين ڪيڻ

لائين ڪيڻ ان جو رنگ ۽ اسٽائيل تبديل ڪرڻ

سپ کان پهريان اوهان ٽولز مان لائين ٽول تي ڪلڪ ڪريو.



هاڻي توهان اسٽيج تي لائين ڪڍو. جيڪا تصوير ۾ ڏنل آهي.



اسين اڳي ئي لائين جو ڪلر تبديل ڪرڻ سکي آيا آهيون. هاڻي لائين جي ڊزائين تبديل ڪرڻ لاءِ لائين کي سليڪٽ ڪريو ۽ پوءِ پراپرٽي کي ڪلڪ ڪريو.






جيڪڏهن اوهان لائين کي وچ مان گول ڪرڻ چاهيو ٿا ته پوءِ ايرو کي ڪلڪ ڪري لائين جي مٿان رکو. هيٺيان تصوير ۾ ڏسو.



هاڻي اوهان هن کي ڊرگ مٿان يا هيٺيان طرف ڪريو ته جيئن لائين ۾ ور اچي.



## ايڪيوريٽ لائين يا ايڪيوريٽ ڊرائينگ ڪرڻ

هاڻي اوهان پين ٽول کي ڪلڪ ڪريو.



هن ٽول جي مدد سان اوهان تمام زبردست طريقي سان لائين ۽ ڊرائينگ ٺاهي سگهو ٿا.

## لکڻ جو ڪم

## اکر لکڻ، سائز، رنگ تبديل ڪرڻ

اکر لکڻ لاءِ اوهان ٽيڪسٽ ٽول کي ڪلڪ ڪريو.




اوهان اسٽيج تي هن ٽول سان ڊرگ ڪريو. اوهان کي جيترا اکر لکڻا هجن اوترو ڊرگ ڪريو.



هاڻي اوهان لکڻ اسٽارٽ ڪريو. جيئن هيٺ تصوير ۾ ڏنل آهي.




هاڻي اوهان اکرن کي سليڪٽ ڪريو. ۽ پوءِ پراپرٽي کي ڪلڪ ڪريو.




هاڻي پراپرٽي کي ڪلڪ ڪريو.



هاڻي اوهان اڪرن جو سائيز ۽ رنگ تبديل ڪري سگهو ٿا. اوهان اڪرن کي هوريزنٽل ۽ ورٽيڪل پڻ ڪري سگهو ٿا.

## پينسل ٽول سان ڪم ڪرڻ

## پينسل سان مختلف قسم جا ليڪا ڪڍڻ

توهان پينسل ٽول کي ڪلڪ ڪريو.



هاڻي اوهان هن سان ليڪ ڪڍيو. پينسل جي مدد سان ٽن مختلف قسمن جا ليڪا ڪڍي سگهجن ٿا.




ليڪن کي مختلف ڪرڻ لاءِ اوهان جڏهن پين کي ڪلڪ ڪندو ته ٽولز جي هيٺيان هڪ آپشن اچي ويندو. ان کي ڪلڪ ڪريو. جيئن هيٺ ڏنل آهي.




## ڊرائينگ کي ننڍو ۽ وڏو ڪرڻ

اوهان ٽولز مان فري ٽرانسفارم ٽول کي ڪلڪ ڪريو.



هن ٽول جي مدد سان ڪنهن لائين يا ڊرائينگ کي سائيز ۾ ننڍو يا وڏو ڪري سگهجي ٿو.




توهان هن ٽول جي مدد سان نہ صرف ڊرائينگ کي ننڍو ۽ وڏو ڪري سگهو ٿا. بلڪ اوهان هن ٽول جي مدد سان تصوير کي مختلف شيپ بہ ڏئي سگهو ٿا. ان لاءِ جڏهن اوهان فري ٽرانسفارم ٽول کي ڪلڪ ڪندو، ان وقت ٽولز هيٺيان آپشن اچي ويندا اوهان انهن جي مدد سان پنهنجي ڊرائينگ کي مختلف شيپ ڏئي سگهو ٿا.




## ڪنهن بہ ڊرائينگ کي رنگ ڏيڻ

ڊرائينگ کي رنگ ڏيڻ لاءِ پينٽ بيڪيٽ ٽول کي ڪلڪ ڪريو.



پينٽ بيڪيٽ ٽول جي مدد سان اوهان ڊرائينگ ٺاهي، ان کي ڪلر ڏئي سگهو ٿا.
جيڪڏهن اوهان لائيٽنگ ڪلر استعمال ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ هيٺيان تصوير ڏسو.




هتي فليش ۾ صرف چار لائيٽنگ ڪلر ڏنل آهن. انهن ۾ اچو، ڳاڙهو، سائو ۽ نيرو جيڪڏهن اوهان وڌيڪ ڪلر استعمال ڪرڻ چاهيو ته ان لاءِ هيٺ ڏنل تصوير ڏسو.




اوهان وٽ هيٺ ڏنل اسڪرين ظاهر ٿيندو ان مان اوهان نه صرف لائيٽنگ ڪلر پر ٻيا ٻه ڪلر ٺاهي سگهو ٿا.



## اريزر ٽول جو استعمال



هن ٽول ڪان سپ ڪو واقف آهي. هن جي ذريعي اوهان ڪنهن بہ ڊرائينگ جو ڪجهہ حصو ڪٽي سگهو ٿا.

## هن باب بابت

منهنجي سامهون جيڪي بہ ڄاڻ هئي اها اوهان جي سامهون رکي آهي. فليش ۾ ڪم ڪرڻ ڏکيو ناهي. جي ڏکيو آهي تہ اوهان جو دماغ ڪيترو ٿو سوچي. اوهان جي دماغ ۾ ڇا ٿاهڻ جي تمنا آهي. ڪو دوست فٽبال ٿو ٺاهي. ٻيو وري ڦڙڪندڙ جهنڊو ٿو ٺاهي. اهو اوهان جي ذهن جو ڪم آهي. اسان اوهان کي ڄاڻ ڏئي سگهون ٿا. پر دماغ نہ. ڇو جو اها اسان جي وس جي ڳالهہ ناهي. جي وس جي ڳالهہ هجي ها تہ دير نہ ڪريون ها.

# باب پيو

## ڊرائينگ کي انيميشن ڪرائڻ
## يا
## ڊرائينگ کي حرڪت ڪرائڻ

انيميشن ڪرائڻ لاءِ جا ٽول لازمي آهي. انهي کي ٽائيم ليٽ چئبو آهي. جنهن جي تصوير پيج نمبر **3** تي ڏنل آهي.

ٽائيم ليٽ ۾ ٽيندو ائين آهي. اسان هڪڙي فريم ۾ گول ٺاهيو آهي. ۽ وري ٻئي فريم ۾ گول کٽي ان جي جڳهه تي وري چوڪندو ٺاهيو آهي. هاڻي اسين مووي ڏسنداسون ته اسان کي هڪ چڪر گول وري چوڪندو نظر ايندو.

انيميشن ڪرائڻ جا ٽي طريقا آهن.

الف: فريم باءِ فريم.

ب: ڪريئٽ موشن ٽيون.

ج: ڪريئٽ شيپ ٽيون.

الف: فريم باءِ فريم

<u>گول جو رنگ تبديل ڪرائڻ</u>

<u>فريم باءِ فريم ۾ هڪ هڪ فريم تي ڪم ڪري مووي ٺاهبي آهي</u>

هڪڙو گول ٺاهيو. انهي جو رنگ ڳاڙهو ڪريو. يا پنهنجي پسند تي.




هاڻي ٽائيم ليٽ تي اوهان کي فريم نظر اچي رهيو آهي. ان تي رائيٽ ڪلڪ ڪريو. پوءِ اتان انسرٽ ڪي فريم کي ڪلڪ ڪريو.




جڏهن توهان انسرٽ ڪي فريم کي ڪلڪ ڪندا. ته پوءِ اوهان جو ڪم فريم هڪ کان ٻه طرف منتقل ٿي ويندو.




هاڻي اوهان ڏسندو ته ٻه فريم ٿي ويا.اوها هاڻي گول جو ڪلر تبديل ڪريو. نيرو يا وري پنهنجي پسند تي




هاڻ اوهان فريم هڪ ته ڪلڪ ڪندا ته ان ۾ گول جو رنگ ڳاڙهو هوندو. جڏهن اوهان فريم ٻه ڪي ڪلڪ ڪندا ته ان ۾ گول جو ڪلر نيرو هوندو.

جيڪڏهن اوهان اها مووي ڏسڻ چاهيو ٿا ته اوهان مينيو مان ڪنٽرول کي ڪلڪ ڪري پوءِ ٽيسٽ مووي کي ڪلڪ ڪندا.




هاڻي اوهان جي مووي نيئن ونڊو ۾ کلي پوندي. انهي ۾ گول جو کلر نيرو ۽ ڳاڙهو ٿيندو رهندو.

## مووي کي محفوظ ڪرڻ

مووي کي محفوظ ڪرڻ جا ٻه طريقا آهن.

الف: اوهان اڌ مووي ٺاهي. انهي کي محفوظ ڪرڻ ٿا چاهيو. ته جيئن اوهان وري اچي انکي مڪمل ڪندو. انهي لاءِ اوهان کي مينيو مان فائيل کي ڪلڪ ڪرڻو وپندو.




ب: جيڪڏهن اوهان محسوس ٿا ڪريو، ته اوهان مووي مڪمل طرح سان ٺاهي چڏي آهي. انهي کي فليش مووي فارميٽ يا ڪنهن ٻئي فارميٽ ۾ سيو ڪرڻ چاهيو ٿا. انهي لاءِ مينيو مان ايڪسپورٽ مووي کي ڪلڪ ڪريو.




انهي کان پوءِ اوهان وٽ هيٺيون اسڪرين ظاهر ٿيندو.




اوهان هاڻي فائيل نيم ۾ فائيل جو نالو لکو مثال: سنڌ. سيو کي پريس ڪندو ته هيٺيان اسڪرين کلي پوندو.




هاڻي اوڪي کي پريس ڪندو ته مووي سيو ٿي ويندي.

عام طرح سان فائيل پن فارميٽ ۾ سيو ٿيندا آهن. جن ۾ هڪ ته فليش جو ريڪمانڊيڊ فليش مووي ۽ ٻيو انيميٽيڊ جي آءِ ايف.

ﺟﮇﻫﻦ ﺍﻭﻫﺎﻥ ﺍﻳﮑﺴﭙﻮﺭٽ ﻣﻮﻭﻱ ﺗﻲ ﮐﻠڪ ﮐﻨﺪﺍ ﺁﻫﻴﻮ. ﺍﻥ ﻭﻗﺖ ﻓﺎﺋﻴﻞ ﺟﻮ ﻧﺎﻟﻮ ﮈﺋﻲ ﺳﻴﻮ ﺗﻲ ﭘﺮﻳﺲ ﮐﻨﺪﻭ ﺗﻪ ﻣﻮﻭﻱ ﻓﻠﻴﺶ ﻣﻮﻭﻱ ﻓﺎﺭﻣﻴٽ ۾ ﺳﻴﻮ ﺗﻲ ﻭﻳﻨﺪﻱ. ﭘﺮ ﺟﻲ ﺍﻭﻫﺎﻥ ﭘﻨﻬﻨﺠﻲ ﻣﻮﻭﻱ ﺗﻲ ﺍﻧﻴﻤﻴﭩﻴﮉ ﺟﻲ ﺁﺋﻒ ﻓﺎﺭﻣﻴٽ ۾ ﺳﻴﻮ ﮐﺮڻ ﭼﺎﻫﻴﻮ . ﺍﻧﻬﻲ ﻻﺀِ ﺟﮇﻫﻦ ﺍﻭﻫﺎﻥ ﻣﻴﻨﻴﻮ ﻣﺎﻥ ﺍﻳﮑﺴﭙﻮﺭٽ ﻣﻮﻭﻱ ﺗﻲ ﮐﻠڪ ﮐﻨﺪﺍ. ﺍﻥ ﻭﻗﺖ ﺟﻴﮑﺎ ﺑﺎﮐﺲ ﻇﺎﻫﺮ ﺗﻴﻨﺪﻱ.(ﺟﻴﮑﺎ ﻫﻴﭡﻴﻦ ﭘﻴﺞ ۾ ﮈﻧﻞ ﺁﻫﻲ) ﺍﻧﻬﻲ ۾ ﻓﺎﺋﻴﻞ ﻧﻴﻢ ﻫﻴﭡﻴﺎﻥ ﺟﻴﮑﻮ ﺑﺎﮐﺲ ﺳﻴﻮ ﺍﻳﺰ ﭨﺎﺋﻴﭗ ﻣﺎﻥ ﺟﻲ ﺁﺋﻒ ﺟﻮ ﻓﺎﺭﻣﻴٽ ﮐﭩﻮ.




ﺍﻫﮍﻱ ﻃﺮﺡ ﻓﺮﻳﻢ ﺑﺎﺀِ ﻓﺮﻳﻢ ﮐﻢ ﮐﻨﺪﺍ ﻭﺟﻮ. ﭘﻨﻬﻨﺠﻲ ﻣﻮﻭﻱ ﻧﺎﻫﻲ ﺳﻴﻮ ﮐﺮﻱ ﺳﮕﻬﻮ ﭤﺎ.

<u>ﺏ: ﮐﺮﻳﺌﭧ ﻣﻮﺷﻦ ﭨﻴﻮﻥ</u>

<u>ﮐﺮﻳﺌﭧ ﻣﻮﺷﻦ ﭨﻴﻮﻥ ۾ ﺍﻭﻫﺎﻥ ﻣﻮﻭﻱ ﺟﻲ ﭘﻬﺮﻳﻦ ﮐﺎﻥ ﺁﺧﺮ ۾ ﺗﺒﺪﻳﻠﻲ ﮐﺮﻳﻮ. ﺑﺎﻗﻲ ﺭﻫﻴﻞ ﻭﭺ ﻭﺍﺭﺍ ﻓﺮﻳﻢ ﻓﻠﻴﺶ ﭘﺎڻ ﻧﺎﻫﻲ ﭼﮇﻳﻨﺪﻭ.</u>

<u>ﮔﻮﻝ ﮐﻲ ﮔﻢ ﮐﺮڻ</u>

ﺳﭗ ﮐﺎﻥ ﭘﻬﺮﻳﺎﻥ ﻓﺮﻳﻢ ﻫڪ ﺗﻲ ﮔﻮﻝ ﻧﺎﻫﻴﻮ. ﺟﻨﻬﻦ ﺟﻮ ﺭﻧﮓ ﮔﺎﮍﻫﻮ ﮈﻳﻮ. ﺍﻥ ﮔﻮﻝ ﻣﭥﺎﻥ ﺭﺍﺋﻴٽ ﮐﻠڪ ﮐﺮﻳﻮ. ﺍﺗﺎﻥ ﮐﻨﻮﺭٽ ﺗﻮ ﺳﻴﻤﺒﻞ ﺗﻲ ﮐﻠڪ ﮐﺮﻳﻮ.




ڪنورٽ تو سيمبل کي ڪلڪ ڪرڻ سان هيٺيون باڪس کلي پوندو.




هن باڪس ۾ اوهان سيمبل جو نالو ڏيو (نالو ڏيڻ ضروري ناهي) ۽ اوڪي ڪريو. هاڻي اوهان وچي فريم نمبر ويهه (اوهان پنهنجي مرضي سان فريم ڏئي سگهو ٿا) تي وڃي رائيٽ ڪلڪ ڪريو. انسرٽ کي فريم کي ڪلڪ ڪريو. هاڻي اوهان مٿين ڪنڊ تي گول ٺاهيو هو. اهو هيٺيان ڪنڊ تي ڪٽي اچو.




هاڻي فريم ويھ واري گول کي سليڪٽ ڪريو ۽ پوءِ پراپرٽي باڪس کي ڪلڪ ڪريو.
اتان الفا کي ڪلڪ ڪريو




هاڻ هيٺيون آپشن اچي ويندو.




هاڻي اوهان هتي الفا زيرو تي بيهاريو. اوهان ڏسندا ته فريم ويھ مان گول مڪمل نموني گم ٿي ويندو. هاڻي فريم هڪ ۽ ويھ جي وچ مان ڪٿي به رائيٽ ڪلڪ ڪريو. اتان ڪريئٽ موشن ٽيون کي ڪلڪ ڪريو. ۽ پوءِ ٽيسٽ مووي ڪريو.




فريم هڪ ڪان ويهه جي وچ ۾ هيٺيون تصوير ظاهر ٿيندو.




هاڻي ايئن ڪرڻ سان اوهان جو ٺهيل گول آهستي آهستي گم ٿي ويندو.

## ج: ڪريئٽ شيپ ٽيون

## گول کي چوڪندي ۾ تبديل ڪرڻ

توهان فريم هڪ تي هڪڙو گول ٺاهيو. ۽ پوءِ فريم نمبر ويهه تي وڃي انسرٽ ڪي فريم دٻايو. اتي گول کي ڪٽي ان چوڪندو ٺاهيو.




هاڻي فريم نمبر ويهه ۾ هڪ جي وچ مان ڪو به هڪ فريم سليڪٽ ڪريو. ان فريم ۾ رائيٽ ڪلڪ ڪري پراپرٽي تہ ڪلڪ ڪريو.




هيٺ پراپرٽي مان ٽيون واري جڳهہ مان شيپ کي ڪلڪ ڪريو



هاڻي اوهان ڪي فريم هڪ ڪان ويهہ جي وچ ۾ هيٺ ڏنل تصوير نظر ايندي.




هاڻي اوهان ڏسندا تہ. مووي گول چوڪندي ۾ تبديل ٿي ويندي.

## هن باب بابت

هن باب ۾ اوهان کي چند اهم شيون ٻڌايون ويون آهن.

انهن جي مدد سان اوهان مختلف قسم جون موويز ٺاهي سگهو ٿا. مووي ڪلپ جي ذريعي لاتعداد ڪم ٿي سگهن ٿا. انهي لاءِ مون اوهان کي مووي ڪلپ جي سنٽرل آئيڊيا ڏي چڏي آهي. هاڻي اهو اوهان جو دماغ تي ڊپيند ڪري ٿو تہ اوهان ڪهڙي قسم جون مووِيز ٺاهيو ٿا. توهان فليش ۾ وڌ کان وڌ ڪم ڪريو تہ جيئن اوهان اڳتي فليش جو رهيل شيون پنهنجي مدد تحت سکي سگهو.

# باب ٽيون

## ايڪشن ڏيڻ
## يا
## ڪنهن مخصوص مووي يا بٽڻ کي حڪم ڏيڻ

فليش ۾ ايڪشن جي وڏي اهميت آهي. فليش جي مدد سان اوهان بٽڻ ٺاهي. انهن کي ڪمانڊ ڏئي سگهو ٿا. هتي ڪجهه ڪامن ڪمانڊ ڏنا پيا وڃن.

### هاڻي اچو ته بٽڻ ٺاهڻ سکون.

سڀ کان پهريان هڪ ڳاڙهي رنگ جو گول ٺاهيو. ان تي رائيٽ ڪلڪ ڪري ڪنورٽ ٽو سيمبل کي پريس ڪريو. ان کان پوءِ کليل باڪس ۾ بٽڻ کي سليڪٽ ڪري، اوڪي پريس ڪريو.




اوڪي ڪرڻ سان گول بٽڻ ۾ تبديل ٿي ويو آهي. هاڻي گول بٽڻ وارو ڪم ڪندو.
بٽڻ ۾ ايڪشن لڳائڻ کان پهريان اچو ته بٽڻ کي خوبصورت ٺاهيون.

### بٽڻ کي خوبصورت بنائڻ

توهان جيڪو ڳاڙهي رنگ جو بٽڻ ٺاهيو آهي. ان کي ڊبل ڪلڪ ڪندا ته هيٺيان اسڪرين ظاهر ٿيندو.




هاڻي اوهان کي ٽائيم لين تي چار فريم نظر ايندا.

**1**: اپ: هن ۾ ڳاڙهو ڪلر آهي. جيڪو اوهان جي بٽڻ جو رنگ هوندو.

**2**: اوور: هن ۾ اوهان رائيٽ ڪلڪ ڪري انسرٽ ڪي فريم دٻايو. ان ۾ گول کي نيرو رنگ ڏيو. هاڻي توهان ٽيسٽ مووي ڪندو، ۽ بٽڻ مٿان مائوس جو تير رکندو ته بٽڻ جو ڪلر نيرو ٿي ويندو.

**3**: ڊائون: هن ۾ اوهان گول کي سائو ڪلر ڏيو. جڏهن اوهان بٽڻ کي پريس ڪندو ته ان جو ڪلر سائو ٿي ويندو.

**4**: هيٽ: هن ۾ نارنگي ڪلر ڏيو. جڏهن اوهان بٽڻ کي ڪلڪ ڪري ڇڏيندا. بٽڻ نارنگي ڪلر جو ٿي ويندو

نوٽ: ڪلر اوهان پنهنجي پسند جا هڻي سگهو ٿا.

هاڻي اوهان ٽائيم لين جي هيٺيان ڏنل سين **1** کي پريس ڪريو. اوهان جو بٽڻ تيار ٿي ويو. توهان هن کي ايڪسپورٽ به ڪري سگهو ٿا. يا وري ٽيسٽ مووي کي پريس ڪريو.

## بٽڻ، مووي ڪلپ ۽ فريم ۾ ايڪشن لڳائڻ

## اسٽاپ ۽ گو ٽو ايڪشن

اچو ته سڀ کان پهريان بٽڻ تي ايڪشن لڳائڻ سکون.

توهان کي اڳي بٽڻ ٺاهڻ سيکاريو ويو آهي. ڏسو پيج **29** ۽ **28** هاڻي اوهان گول يا چوڪندي کي بٽڻ ۾ تبديل ڪري چڪا هوندا. هاڻي اچو ته پنهنجو ڪم شروع ڪريون. سڀ کان پهريان نه لائير ٺاهيو.

1




2




توهان لائير هڪ تہ رائيٽ ڪلڪ ڪريو پوءِ انسرٽ لائير ڪي ڪلڪ ڪريو. تہ ہہ لائير ٺهي پوندا.
لائير هڪ تہ توهان بٽڻ ٺاهيو. (بٽڻ ٺاهڻ لاءِ گول کي رائيٽ ڪلڪ.....)
لائير 2 تي هڪ گول نيري ڪلر جو ٺاهيو. پوءِ وچي لائير 2جي فريم 2 تي وچي گول جو ڪلر ڳاڙهو ڪريو.
هاڻي وچي لائير هڪ جي فريم هڪ تي رائيٽ ڪلڪ ڪريو. ۽ ايڪشن کي پريس ڪريو. جڏهن ايڪشن بار کلي پوندو. ايڪشن بار تي موجود ايڪشن کي ڪلڪ ڪريو. پوءِ مووي ڪنٽرول کي ڪلڪ ڪريو. اتان اوهان اسٽاپ کي ڊبل ڪلڪ ڪريو پوءِ اوهان ڏسندا تہ لائير هڪ جي فريم هڪ ۾ هڪ ننڍڙو اي نظر ايندو.جيئن تصوير ۾ ڏنل آهي.




هاڻي اوهان ٽيسٽ مووي ڪندا تہ اوهان جي مووي صرف فريم هڪ تي بيٺل هوندي.
هاڻي اوهان لائير هڪ جي فريم2 تي وچي انسرٽ ڪي فريم ڪريو.

هاڻ فريم هڪ واري بٽڻ تہ رائيٽ ڪلڪ ڪري ايڪشن ڪي پريس ڪريو. اوهان ايڪشن بار ڪان ايڪشن پوءِ مووي ڪنٽرول پوءِ گو تو ڪي ڊبل ڪلڪ ڪريو. اتي ڏنل خاني ۾ فريم نمبر **2** لکي گو تو اسٽاپ ڪي ڪلڪ ڪريو. ائين ڪرڻ سان اوهان جي مووي بٽڻ پريس ڪرڻ سان فريم ٻہ تي وڃي بيهي رهندي. وري فريم ٻہ واري بٽڻ ڪي گو تو فريم نمبر **1** جو ايڪشن ڏيو. جيئن توهان فريم نمبر هڪ ۾ بٽڻ ڪي ايڪشن ڏنو بلڪل اهڙي ريت فريم ٻہ تي بہ ايڪشن ڏيو.




تصوير ۾ جيڪي گول ڏنل آهن اهي اوهان کي متي سمجهائي چڪا آهيون، هي صرف اوهان جي ذهن کي ڪليئر ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو آهي.

## اسٽاپ آل سائونڊ ايڪشن

هي ايڪشن جيئن نالي مان ظاهر آهي. تہ هن جو ڪم سائونڊ کي بند ڪرڻ جو آهي. هي ايڪشن توهان ڪنهن بٽڻ يا فريم ۾ ڏئي سگهو ٿا. مثال اوهان **500** فرمن ۾ ڪم ڪيو آهي اوهان چاهيو ٿا، تہ **250** فريمن ۾ ميوزڪ هلي ۽ باقي **250** فريمن ۾ مووي اندر خاموشي هجي. انهي لاءِ اوهان **250** سو فريم ۾ اسٽاپ آل سائونڊ ايڪشن ڏيو. ايئن **250** سو فريمن ڪان پوءِ مووي مان ميوزڪ ختم ٿي وڃي.




نوٽ: اوهان کي سائونڊ لڳائڻ بابت اڳتي ٻڌايو ويندو.

## پلي جو ايڪشن

جڏهن ٻه اوهان ڪا مووي ٺاهيو ٿا. ته انوقت ٻه بٽڻ ٺاهيو. هڪ ۾ اسٽاپ جو ايڪشن لڳايو. ۽ ٻئي ۾ پلي جو ايڪشن لڳايو. جڏهن اوهان اسٽاپ کي پريس ڪندو ته مووي اسٽاپ ٿي ويندي. ۽ اوهان جڏهن پلي ڪندا ته مووي اسٽارٽ ٿي ويندي.




## ايف ايس ڪمانڊ ايڪشن

هن ايڪشن ۾ ڇهن قسمن جا ڪمانڊ آهن. انهن مان ٿي ڪافي ڪارائيتون ۽ ڪامن آهن. انهي لاءِ اچو ته اسان ٿي ڪارائيتون ڪمانڊز سکون.

## فل اسڪرين ڪمانڊ

فرض ڪريو اوهان هڪ مووي ٺاهي آهي. توهان چاهيو ٿا ته جڏهن اوهان مووي کي ايڪسپورٽ ڪندا ۽ پوءِ ان کي ڏسندا. ته اها فل اسڪرين ۾ اچي. ان لاءِ اوهان فريم نمبر هڪ ۾ رائيٽ ڪلڪ ڪري ايڪشن کي ڪلڪ ڪريو. اتان ايڪشن پوءِ برائوز يا نيٽ ورڪ کي ڪلڪ ڪريو اتان ايف ايس ڪمانڊ کي ڪلڪ ڪريو. اتان فل اسڪرين کي سليڪٽ ڪريو




توهان ڏسندا ته پيراميٽرس ۾ ڊنل ٽريو لکيل آهي. اگر هتي اوهان فالس لکندا ته مووي فل اسڪرين ۾ نه ايندي.

## شو مينيو ڪمانڊ

جڏهن اوهان فليش مووي ٺاهيو، انکي سيو ٿا ڪريو. جيئن اوهان ان کي ويب پيج يا ڪنهن ٻئي ڪم ۾ آڻيندا، توهان جڏهن فليش مووي فارميٽ ۾ سيو ٿيل مووي کي رائيٽ ڪلڪ ڪندا، ته ان ۾ وڏو مينيو کلي پوندو. توهان جڏهن شو مينيو ڪمانڊ لڳائيندا ته پوءِ اوهان فليش مووي ۾ ڪلڪ ڪندا ته تمام ننڍڙي مينيو کلندي، جنهن ۾ صرف سيٽينگ ۽ اباﺋوٽ فليش پليئر جا آپشن ڏنل هوندا.

توهان فريم هڪ تي رائيٽ ڪلڪ ڪريو. پوءِ ايڪشن کي پريس ڪريو، اتان وري ايڪشن پوءِ براﺋوز يا نيٽ ورڪ کي ڪلڪ ڪريو پوءِ ايف ايس ڪمانڊ کي ڊبل ڪلڪ ڪريو. اتان شو مينيو کي سليڪٽ ڪريو. پيراميٽر ۾ فالس لکو. ائين اوهان جي مووي مان مينيو ختم ٿي ويندو.




## ڪوائيٽ جو ڪمانڊ

هن ڪمانڊ جو ڪم آهي مووي کي بند ڪرڻ. اوهان فرض ڪريو ته اوهان هڪ مووي ٺاهي آهي. ۽ انهي کي اوهان پرزنٽيشن طور استعمال ڪرڻ چاهيو ٿا. اوهان چاهيو ٿا ته جڏهن اوهان پرزنٽشن ڏئي رهيا آهيو. توهان چاهيو ٿا ته بغير ڪنهن ڪم جي هو پاڻهي بند ٿي وڃي، ان لاءِ هي ڪمانڊ نهايت ڪارائيتي آهي. اوهان فرض ته اوهان هڪ پرزنٽيشن ٺاهي آهي، اها **1500** فريمن تي مشتمل آهي، اوهان چاهيو ٿا ته، **1500** فريمن کان پوءِ پرزنٽيشن پاڻهي بند ٿي وڃي ان لاءِ اوهان فريم **1500** تي وڃي رائيٽ ڪلڪ ڪري ايڪشن کي پريس ڪريو. اتان براﺋوز يا نيٽورڪ کي ڪلڪ ڪريو. اتان ايف ايس ڪمانڊ کي ڊبل ڪلڪ ڪريو، اتان وري ڪوائيٽ کي سليڪٽ ڪريو ائين اوهان جي مووي **1500** فريمن کان پوءِ پاڻهي بند ٿي ويندي.




نوٽ: اوهان ايف ايس ڪمانڊ جا ڪمانڊ بٽڻ ۾ به استعمال ڪري سگهو ٿا.

## گيٽ يو آر ايل ايڪشن

گيٽ يو آر ايل ايڪشن ۾ اوهان ڪنهن به ويب سائيٽ جو ايڊريس لکي سگهو ٿا. فرض ڪريو توهان هڪ مووي ٺاهي رهيا آهيو. اوهان اها مووي پنهنجي ويب پيج ۾ ڏيڻ چاهيو ٿا. اوهان ان ۾ ڪنهن ويب سائيٽ جو لنڪ هڻڻ چاهيو ٿا.

مثال: اوهان پنهنجي ويب سائيٽ ۾ جنهن به ويب جو لنڪ ڏيڻ چاهيو ٿا. فليش ۾ ان جو ايڊريس يا ان جي متعلق ڪجهه لفظ لکو. ان اکرن کي بٽڻ ۾ تبديل ڪريو. (جيئن اسين اڳي گول کي بٽڻ ۾ تبديل ڪري آيا آهيون. بلڪل ساڳي طرح اکرن کي به بٽڻ ۾ ڪنورٽ ڪريو). هاڻي اکرن تي رائيٽ ڪلڪ ڪري ايڪشن کي ڪلڪ ڪريو. اتان ايڪشن پوءِ برائوز يا نيٽورڪ کي ڪلڪ ڪريو، اتان گيٽ يو آر ايل کي ڊبل ڪلڪ ڪريو. اتي هڪ باڪس يو آر ايل خالي هوندو ان ۾ اوهان لنڪ ڏيو. هڪ باڪس ونڊوز جي نالي سان هوندو، ان ۾ اوهان جڏهن لنڪ ڏيندو ته لنڪ ٻئي ونڊو ۾ کلي پوندي. جڏهن اوهان سيلف ڏيندو ته لنڪ ويب اوهان جي ويب سائيٽ مٿيان کلي پوندي.




## لوڊ مووي ايڪشن

هن ايڪشن جي ذريعي اوهان جي ڪمپيوٽر ۾ موجود مووي جو پاٿ يا ايڊريس لکو. مثال اوهان هڪ بٽڻ ٺاهيو ان ۾ اوهان لوڊ مووي جو ايڪشن هڻو. يو آر ايل واري جڳهه تي ان

فليش مووي جو ايڊريس لکو جيڪا اوهان لوڊ ڪرڻ چاهيو ٿا. پوءِ جڏهن اوهان بٽڻ کي ڪلڪ ڪندو ته هو فليش مووي کولي ڇڏيندو.




پرنٽ ايڪشن

توهان محسوس ڪري رهيا آهيو ته اوهان جي مووي ۾ ڪا لازمي ڊاڪيومينٽ لڪيل آهي. توهان ان کي پنهنجي ويب سائيٽ ۾ ڏيڻ چاهيو ٿا، ته جيئن ماڻهو ان ڊاڪيومنٽ کي پڙهي سگهن ۽ ان جو پرنٽ پڻ ڪڍي سگهن. اوهان پنهنجو ڊاڪيومنٽ ٺاهي ان جي هيٺيان بٽڻ ٺاهيو. ان بٽڻ کي رائيٽ ڪلڪ ڪري ايڪشن کي پريس ڪريو. اتان ايڪشن پوءِ پرنٽنگ ۽ پوءِ پرنٽ کي ڊبل ڪلڪ ڪريو. هاڻي اوهان جي ڊاڪيومنٽ جو پرنٽ نڪرڻ لاءِ تيار آهي صرف بٽڻ پريس ڪريو.

اچو ته فليش ۾ پنهنجو مائوس پوائينٽر ٺاهڻ سکون

سڀ کان پهريان هڪڙو ڊرائينگ ٺاهيو.



جيئن متي ٺهيل آهي، ائين يا پنهنجي مرضي مطابق ڪو ڊرائنگ ٺاهيو. ان کي مووي ڪلپ ۾ ڪنورٽ ڪريو. پوءِ پنهنجي ٺهيل مووي ڪلپ کي رائيٽ ڪلڪ ڪري ايڪشن کي پريس ڪريو. اتان آبجيڪٽ کي ڪلڪ ڪريو. پوءِ مووي کي ڪلڪ ڪريو پوءِ مائوس کي ڪلڪ ڪريو پوءِ ميٿڊ کي ڪلڪ ڪريو پوءِ هائيڊ کي ڊبل ڪلڪ ڪريو.




هاڻي اوهان ايڪشن بار کي بند ڪري ڇڏيو.

اوهان وري مووي ڪلپ کي رائيٽ ڪلڪ ڪريو. ايڪشن بار تان ايڪشن کي ڪلڪ ڪريو پوءِ مووي ڪلپ ڪنٽرول کي ڪلڪ ڪريو، پوءِ اسٽارٽ ڊرگ کي ڊبل ڪلڪ ڪريو.

ڊبل ڪلڪ ڪرڻ کان پوءِ ٽارگيٽ واري جڳهِ تي **this** لکو ۽ چيڪ بٽڻ ڏنل آهن انهن تي ٽڪ ڪريو **L 0, T o, R 700, B 700** لکو.




ان کان پوءِ وِيو آپشن کي ڪلڪ ڪريو. ۽ ايڪسپرٽ موڊ کي ڪلڪ ڪريو.




پوءِ ڪمانڊ ائين نظر ايندا.




جي مٿان انورٽيڊ ڪاما نظر اچي رهيا آهن. ان "***this***" کي اوهان ڪٽي ڇڏيو. هاڻي ٽيسٽ مووي کي ڪلڪ ڪري اوهان جو مائوس پوئينٽر تيار ٿي ويو آهي.

نوٽ: هميشه بٽڻ لاءِ الگ لائير ناهيو، جيئن اوهان کي مووي ٺاهڻ ۾ ڪا به دشواري پيش نہ اچي.

هن باب بابت

هي باب ايڪشن متعلق هوء ان ۾ چند اهم ايڪشن بابت ڄاڻ ڏني وئي. ائين اوهان هنن ايڪشنز جي مدد سان فليش ۾ زبردست طريقي سان ڪم ڪري سگهو ٿا. فليش ۾ وڏي تعداد ۾ ايڪشن آهن. پر اسان صرف چند ڪامن ايڪشن جي متعلق اوهانکي ٻڌايو. اسان کي اميد آهي ته اوهان هنن ايڪشنز مان سٺو لاڀ پرائيندا.

# باب چوٿون

## مڪس پليٽ

هن باب ۾ اوهان فليش مان مختلف شيون سمجهايون ونديون. اچو ته پنهنجو ڪم شروع ڪريون.

فليش ۾ تصوير، سائونڊ، مووِيز آڻڻ

مينيو مان فائيل کي ڪلڪ ڪريو، اتان امپورٽ کي ڪلڪ ڪريو اتان اوهان سائونڊ، تصويرون ۽ مووِيز آڻي سگهو ٿا.

فليش مووي ۾ سائونڊ ايڊ ڪرڻ

پنهنجو سائونڊ امپورٽ ڪري پوءِ جنهن فريم ۾ اوهان سائونڊ ايڊ ڪرڻ چاهيو ٿا، ان تي رائيٽ ڪلڪ ڪري پراپرٽي کي ڪلڪ ڪريو. اوهان پراپرٽي مان سائونڊ ڏئي سگهو ٿا.

بٽڻ ۾ سائونڊ ڏيڻ

اوهان جيئن بٽڻ کي خوبصورت بنائڻ سکي آيا آهيو. (ڏسو پيج نمبر**29**)

انهي ۾ اوهان صرف رنگ تبديل ڪرڻ سکي آيا آهيو. اوهان هاڻي اوور واري فريم ۾ رائيٽ ڪلڪ ڪريو. اتان پراپرٽي کي ڪلڪ ڪريو. ائين اوهان جڏهن ٽيسٽ مووي ڪندا اوهان جڏهن بٽڻ مٿان مائوس جي ايرو رکندا. ته ان ۾ اوهان جو ڏنل سائونڊ شروع ٿي ويندو

ڪنهن تصوير کي وچ مان جدا ڪرڻ

اوهان پهريان فليش ۾ هڪ تصوير آڻيو. ان کي سليڪٽ ڪري پوءِ مينيو مان موڊيفاءِ کي ڪلڪ ڪري پوءِ بريڪ اپارٽ کي ڪلڪ ڪريو. ائين اوهان ان تصوير کي ڪٽي سگهو ٿا.




## ڪنهن تصوير جا ڪجهه غير ضروري حصا ڪٽڻ

توهان تصوير کي بريڪ اپارٽ ڪريو. پوءِ لاسو ٽول ڪڻو. انجي آپشن مان مختلف آپشن ڪڻو.




اهي ان حصي تي رکو جيڪي اوهان کي ڪٽڻا هجن.

# آخري لفظ

جي پائين پلو ٽيان، هيٺيائين ته هل
جيڪي چوني جهان ۾، جهولي پاءِ جهل
پهرين پل پاڻ، پوءِ ڏسج پيو ڏيهه کي
(شاه)

## وائيس آف سنڌ برقي ڪتاب گهر

WWW.VOICEOFSINDH.NET
editor@voiceofsindh.net